خليل احمد گبول

# حضورڻ سائين جي سنڌي شاعريءَ تي هڪ نظر

# A look on the Sindhi Poetry of Hazooran Sain

**Abstract:**

In Sindhi Literature, there are two epoch making periods of Sindhi poetry: one is known as the period of Classical poetry whereas the other is of Aroozi Poetry.

Syed Hazoor Bux Shah is also one of those renowned poets who enjoys a distinguished and unique position in Classical Poetry. He wrote poetry in Sindhi, Siraiki, Urdu and Persian Languages.

He used various forms of poetry including Kafi, Dohiro, Bait, Ghazal and Vaee. His spiritual and mystic poetry carries a message of love for mankind, fight against religious harted: and reflects a deep though on Moreover, religious has also had a profound influence on his poetry. Hazoor Bux Shah belongs to Sachal Sarmast poetic school of thought that explicitly manifests characteristic feature like Candor, , Rindhi e.t.c

And this style was first introduced by Sachal Sarmast which was also seen afterwards in the writings and poetry on Mahedi Shah, Syed Ali Anwar Shah Bukhari and Mehmood Faqeer Khatian.

It would not be wrong to say that the poetry of Hazoor Bux Shah is seen as a master piece of Sindhi Classical Poetry.

However, relatively very little research work has been done in Sindhi literature on his poetry. Therefore in this paper an attempt has been made to carry out a comprehensive research work on the poetry of Hazoor Bux Shah.

حضورڻ سائين جو تعلق درگاهه عاليہ جهانپور شريف سان آهي ۽ پاڻ صوفي بزرگ ۽ شاعر سيد انور علي شاهه بخاري جي گهر ۾ 24 ربيع الاول 1306 هه بمطابق 22 اپريل 1941ع ۾ واقع ڳوٺ جهانپور شريف تعلقہ و ضلع گهوٽڪي، سنڌ ۾ جنم ورتائون.

جهانپور شريف، گهوٽڪي شهر کان اٽڪل 25 ڪلو ميٽر اوڀر ۾ قومي شاهراهه تي، قاضي واهه بس اسٽاپ کان اٽڪل 4 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي اتر طرف، قاضي واهه جي ساڄي ڪپ تي واقع آهي.

صوفي فقير سيد حضور بخش شاهه جا وڏا اصل عربستان جا رهاڪو هئا. جيڪي رشد و هدايت جي سلسلي ۾ هجرت ڪري پنجاب جي شهر اُچ شريف ۾ اچي رهيا.

"جن برصغير هند و پاڪ ۾ اسلام کي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. بعد ۾ سندس خاندان جا فرد، سِبي بلوچستان، عبدالڪريم شاهه سِبي وارو ۽ ان جي اولاد جا ڪجهه فرد ڳوٺ جهانپور شريف تعلقه و ضلع گهوٽڪي ۾ اچي آباد ٿيا." (1)

سيد حضور بخش شاهه بخاري سهڻي صورت ۽ خوبصورت چهري جا مالڪ هئا. جواني وارن ڏينهن ۾ ڏاڙهي مبارڪ ۽ شهپر رکندا هئا. پاڻ ڀريل بدن ۽ درمياني قد جا مالڪ هئا. اڪثر رياضت ۽ عبادت ۾ رهڻ ڪري سندس اکيون سدائين ڳاڙهيون لال رهنديون هيون.

"حضور بخش شاهه بخاري کي پنجن سالن جي عمر ۾ پرائمري اسڪول جهانپور شريف ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. سائين وڏا ذهين ۽ هوشيار هوندا هئا. پر باقاعدگي سان اسڪول حاضر رهڻ سندس مُنعصر هوندو هيو. پرائمري پنجين درجي تائين تعليم حاصل ڪيائون. وڌيڪ ظاهر ۾ تعليم ڪا نہ حاصل ڪيائون. البتہ ڪتابن سان دلچسپي رکندا هئا. پاڻ علم موسيقي جا ماهر استاد پڻ هئا." (2)

حضورڻ سائين پيشي جي حوالي سان رڳو پنهنجي زمين سنڀاريندا هئا پر اها بہ جواني جي ڏينهن ۾. پاڻ سڄي زندگي اوليائن ۽ بزرگن جي صحبت ۾ رهڻ سان گڏ راڳ ويراڳ جي محفلن ۾ بہ ويندا هئا ۽ روحاني رمز کي پرکي تسڪين حاصل ڪندا هئا. پاڻ درگاهه جهانپور شريف جا سجاده نشين هجڻ جي ڪري ماڻهن کي رشد و هدايت ۽ انسانيت جي درس ڏيڻ جهڙي پيشي سان لاڳاپيل هئا.

ادبي حوالي سان پاڻ شعر و شاعريءَ سان شغل رکندا هئا. شاعريءَ جي ڪيترن ئي صِنفن تي مختلف ٻولين ۾ سندس ڪلام ملي ٿو. مثلاً: ڪافي، بيت ، ڏوهيڙا، ڪلام، غزل، وائي وغيره شامل آهن.

حضور بخش شاهه بخاري پنج ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي.جن ۾ سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻوليون شامل آهن. حضورڻ سائين جي ڪلام ۾ محبت ۽ انسانيت جو پيغام ملي ٿو. سندس شاعريءَ جا هيٺيان مجموعا ڇپجي چڪا آهن.

(1) ديوانِ حضور (سنڌي) (2) ساغر (سنڌي) (3) ساغر مين سمندر (اردو)
(4) اهو نينهن نهين اجڪل دا (سرائيڪي) (5) سڄڻ جي ياد ۾ (سنڌي)

"فقير سيد حضور بخش شاهه بخاري 64 سالن جي ڄمار ۾ پهرين ذوالقعد 1426هه بمطابق 4 ڊسمبر 2005ع ۾ وصال فرمائي ويا. پاڻ پنهنجي والد گرامي شهنشاهه انور سائين جن جي ساڄي پاسي ۾ آرامي آهن." **(3)**

حضورڻ سائين جي شاعري جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو، ته معلوم ٿئي ٿو ته سندس شاعريءَ تي مذهبي اثر ڇانيل آهي. حضورڻ سائين جي ڪتاب "ديوان حضور" جي شروعاتي ڪلام ۾ مذهبي شاعري ڏنل آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ ڪلام ڏنل آهي. تنهن ڪان بعد حضرت عليؑ جي شان ۾ پڻ ڇيل ڪلام ملي ٿو. جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته، پاڻ مذهبي اثر قبول ڪندي نعتيه شاعري ڪافي جي صورت ۾ ڪئي آهي. جنهن ۾ هن ٻنهي جهانن جي سردار سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. اهڙي قسم جون روايتون ڪائنس اڳ جي شاعرن ۽ سندس همعصر شاعرن وٽ ٻه ملن ٿيون. جن ڪان هو متاثر ٿيل ڏسجي ٿو. هن مذهبي شاعري پنهنجي ڪلام جي شروعات ۾ ڏيئي اڳ ۾ رائج روايتن جي پاسداري ڪئي آهي ان سان گڏوگڏ مذهب ڏانهن شاعر جي لاڙي رکڻ بابت بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

"منهنجي هن فرياد تي امدادا ڪر خيرالبشر
دل دکايل کي دوا ڏئي شاد ڪر خيرالبشر
تون گنهگارن جو شافي آهين شفيع المذنبين
درد وندن جون دليون آباد ڪر خيرالبشر
معاف مدايون مير ڪر مدني محمد مصطفٰي ﷺ
عاصي مٿي ڪا عنايت ارشاد ڪر خيرالبشر
عرض ٻڌ عاجز سندو ٻانهي تي ڪا ٻاجهه ڪر
دانهون سڻي درويش جون داد ڪر خيرالبشر

سٽج صدائون سيدا منظور محبوب خدا
غلامن کي غير کان آزاد کر خيرالبشر“. (4)

حضورڻ سائين، نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ سرائيڪي ڪلام ۾ هن طرح اظهار ڪري ٿو:

“هي ورد زبان تي نام محمد ﷺ عربي دا
جبرئيل هي خاص غلام محمد ﷺ عربي دا
قائم قرب قدير قديمي انا احمد بلا ميمي
عرش فرش تي ايڪا انجام محمد ﷺ عربي دا
هي ڪُل انبياءَ دا مير اهو يٰسين، طٰهٰ تطهير اهو
ڪيتا هر مخلوق سلام - محمد ﷺ عربي دا
سگ دربان سڏا در پنجتن دا- علي، فاطمہ، حسين، حسن دا
گهن نام تون صبح شام - محمد عربي ﷺ دا“. (5)

حضورڻ سائين جو سلسلہ حسب و نسب وڃي حضرت عليؑ سان ملي ٿو. حضورڻ سائين پنهنجي ڪلام ۾ حضرت علي سان پڻ پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار هيٺين ريت ڪيو آهي:

“مشڪل نہ پيش ايندي مشڪل ڪُشا علي آ،
آ بيڪسن سهارو دامن اسان جهلي آ.
آهي اسان جو حيدر ساقي آب ڪوثر،
سڀ جو امام آقا بيشڪ ڪندو پلي آ.
فيض فياض جنهن جو ساري دنيا ۾ هلي ٿو،
عاصين ۽ عاجزن کي امانت وئي ملي آ.
حضور آهيون هر دم صفدر سندا سپاهي،
سڀ معاف ٿين مدايون حيدر جي در هلي آ“. (6)

حضورڻ سائين جن علم عروض کان بخوبي واقف هئا. مٿيون ڪلام علم عروض تي لکيل آهي. جنهن جو وزن مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن آهي. حضورڻ سائين پنهنجي ڪافين ۾ ڪيترائي وزن استعمال ڪيا آهن. علم عروض تي لکڻ کان علاوه ٻيو سمورو ڪلام علم موسيقي تي لکيل آهي.

حضورڻ سائين پنهنجي شاعري ۾ ٻنهي جهانن جي سردار پاڻ سڳورن ﷺ ۽ حضرت عليؓ سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ کان علاوه، پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي قرآن مجيد جون آيتون، حديثون، توڙي عربي چوٽيون حوالي طور ڪم آنديون آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته حضورڻ سائين جي ڪلام ۾ مذهبي اثر آهي.

"الانسان سري وانا سره احدؤن عبدا امير،
صورت يار جي سانگي.
الست بربکم قول ٿيو قائم قالو بلٰي قرب ڪسر،
صورت يار جي سانگي.
لا الله اثبات جي ڪيئڙو الا الله نور نظر،
صورت يار جي سانگي.
ٿيو بقا با الله بشر ۾ "حضور" حق حاضر،
صورت يار جي سانگي." (7)

حضورڻ سائين سنڌي کان علاوه سرائيڪي شاعري به ڪئي آهي.

"جوڙ جڳت ديان جڙيان جائين. مک مهتاب منير دا
ياڳ پليرا پال تون پالين. قادر ڪُل تقدير دا
يار حضور هي هادي حق دا. ڪارڻ خاطر خاص خلق دا
جن بشر تي ملڪ فلڪ دا. فيض فياض فقير دا" (8)

حضورڻ سائين پنهنجي ڪلام ۾، ڪيترن ئي هنڌن تي قرآن مجيد جون آيتون، حديثون، توڙي عربي چوٽيون حوالي طور ڪم آنديون آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو، ته حضورڻ سائين جي ڪلام ۾ مذهبي اثر آهي. مثال طور:

1. مو تو قبلل انت مو تو منجهه جسم جاڳائجي
2. ڪل شيءِ محيط قائم قادر فقير آ.
3. ان الله مع الصابرين جاڻ اها جاٽين
4. العشق نارا يحرک ماسو الله چکي سي چڙهن
5. الانسان سري وانا سره احدؤن عبدا امير
6. الست بربکم قول ٿيو قائم قالو بلٰي قرب ڪسر

7. فاذڪروني قول قائم ڪريڪو يڪ يار سان
8. لا مقصود في الدارين الا هو لاحد لا محدود

متئين بيان ڪيل مثالن جي معنيٰ هيٺ ڏجي ٿي:

- مو تو قبلل انت مو تو:
(حديث شريف. معنيٰ: مرڻ کان اڳ ۾ مري وڃڻ)
- کل شيءِ محيط:
(آيت نمبر 54، سورة حٰم، سيپارا 25. معنيٰ: هر شيءِ تي احاطو ڪرڻ وارو )
- ان الله مع الصابرين:
(آيت نمبر 153، سورة البقر، سيپارا 2. معنيٰ: الله صبر ڪرڻ وان سان گڏ آهي)
- العشق نارا يحرک ماسو الله:
(حديث شريف. معنيٰ: عشق جي باهه سواءِ الله جي باقي هر شيءِ کي ساڙي ڇڏي ٿي.)
- الانسان سري وانا سره:
(حديث شريف. معنيٰ: انسان منهنجو راز آهي، مان انسان جو راز آهيان)
- الست بربکم:
(آيت نمبر 172: سورة اعراف، سيپارا نمبر 9. معنيٰ: ڇا، نہ آهيان مان اوهان جو رب؟)
- قالو بليٰ:
(آيت نمبر 172: سورة اعراف، سيپارا نمبر 9. معنيٰ: ها، بيشڪ! تون اسان جو رب آهين)
- فاذڪروني:
(آيت نمبر 152: سورة البقر، سيپارا نمبر 2. معنيٰ: مونکي ياد ڪيو)
- لا مقصود في الدارين:
(حديث شريف . معنيٰ: سواءِ الله جي ٻنهي جهانن ۾ انهن جو

مقصد ٻيو ڪو ناهي)

حضورڻ سائين جي شاعري ۾ مذهبي اثر ججهي انداز ۾ ملي ٿو. مٿي ڏنل شعرن ۾ توڙي جو قرآن مجيد جون آيتون ڏنل آهن. پوءِ بہ حضورڻ سائين جو ڪلام زبان ۽ بيان جي لحاظ کان سليس، سولو ۽ متاثر ڪندڙ آهي.

حضورڻ سائين جي ڪلام ۾ سڪ، محبت ۽ انسانيت جو پيغام آهي. جنهن ۾ عشق جا جذبا بہ ملن ٿا تہ وحدت الوجود جا خيال پڻ ملن ٿا. سنڌ جي ٻين اساسي شاعرن وانگر حضورڻ سائين جو ڪلام پڻ وحدت الوجود جي نظريي تي ڇيل آهي.

“وحدت الوجود جو مطلب آهي وجودن (هئڻ) جو هيڪڙائي، پرين سڀ ۾ آهي. خدا هن ڪائنات کان ٻاهر ۽ الڳ نہ آهي. منصور حلاج جو ذڪر شاهہ لطيف آهي. ان ڪانپوءِ محي الدين ابن عربي ٿو اچي. اهو ٻهريون عالم ۽ فلاسافر هو. جنهن هن وحدت الوجود جي نظريي تي قرآن شريف ۽ حديث مان حوالا ڏئي باقائدي هڪ ڪتاب فصوص الحڪم لکيو ۽ ثابت ڪيو تہ سڀ ۾ پرين آهي. ڪائنات کان ٻاهر خدا ڪونهي. سڀ ڪجهہ خدا آهي” (9)

حضورڻ سائين جي شاعريءَ تي وحدت الوجود جي نظريي جو تمام گهڻو اثر آهي.

“هر دو جهان ۾ هادي فقير آ
ڪل شيءِ مُحيط قائم قادر فقير آ
خلق الادم سير صفاتي ٿيو عدم کان اثباتي
ظاهر ظهور ذاتي ذاڪر فقير آ
“حضور” حال همدم دائم ٿيا سي دم دم
بحر بقائي برسر باسر فقير آ.” (10)

“هي ڪائنات وجود واحد پيدا ڪئي ڇو تہ هڪ مخفي خزاني کي ظاهرڪرڻو هو. موجود حقيقت ۾ اها هڪ ئي ذات آهي ۽ تمام مخلوق انهي وجود واحد جي مختلف صفات جا مختلف روپ آهن. شيخ اڪبر اڃا بہ اڳيرو هلي چوي ٿو تہ خداوند ڪريم جو راز بہ فقط انهي هستيءَ کي ڇئي سگهبو، جا وجود اڪبر سان تعلق رکندي هوندي. جي نہ تہ الانسان سري وانا سره هو. (انسان

منهنجو راز آهي، مان انسان جو راز آهيان) کي ڪا بہ معنيٰ ئي ڪونهي. اهڙي طرح شيخ اڪبر ويو آهي سَنَدَ ڏيندو ۽ پنهنجي نظريي کي مضبوط بڻائيندو.“ (11)
حضورڻ سائين اها ساڳي ڳالهہ هيئن ڪري ٿو:

“الانسان سري جو سارو ڏس تون نظر سان نور نظارو،
جاڻ انهي سان جاڻ سب صورت سبحان بہ تون آ”. (12)

حضورڻ سائين جي سچي شاعري وحدت الوجود جي نظريي سان پري پئي آهي. ٻي هنڌ چوي ٿو تہ:

“آيو اولي انسان، سارو سير سڃاڻي،
انساني سري وانا سره موج محبت ماڻي”. (13)

مٿيون شعر وحدت الوجود جي نظريي جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. جنهن ۾ قرآن پاڪ جو حوالو ڏيئي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ (انسان منهنجو راز آهي، مان انسان جو راز آهيان) شعر ۾ انهي آيت کي وحدت الوجود واري نظريي سان سلهاڙي ان کي ڀرپور معني عطا ڪئي وئي آهي.

“هن کي عالم ناسوت جي مختلف شين، نظارن ۽ خيالن، اول ۾ حيران ڪيو ٿو ڏسجي، ليڪن آخر هو هن نتيجي تي پهتو تہ جملي هستي جو حقيقي بنياد “هستي مطلق” يا “وجود ڪل” آهي. انهي ذات حقيقي کي ٻن نقط نگاهن سان ڏسي سگهجي ٿو. هڪ “حق” جو جملي عالم اظهار جو جوهر آهي ۽ ٻيو “خلق” يا عالم صفات جو ان ذات حقيقي جو مظهر آهي. هي ٻئي شيون هڪ آهن. ليڪن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ٻہ پئي معلوم ٿيون.” (14)

“خود پنهنجي ذات سڃاڻ، ساڳي سر سلطان بہ تون آ
پنهنجو پاڻ ۾ ڳولي ڏس تون پردو بشري کولي ڏس تون
دل وارو ديوان، عشق وارو آشيان بہ تون آ
حضور تي هوشيار تون همدم هر جاءِ هلائج پنهنجو حڪم
هر دو جهان ۾ هاڻ محبت وارو ميدان بہ تون آ”. (15)

وحدت الوجود جي نظريي ۾ چيل آهي تہ:

“الله جل شانه هڪ مخفي خزانو هو، جنهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اهي سمورا روپ حدون ۽ حالات قبول ڪيا. جن سان پوري ڪائنات پريل آهي. حقيقي توحيد بہ تہ فقط اها آهي، جو وجود اڪبر ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ وجود

قبول نہ ڪيو وڃي. ڇا عرش تي ڇا فرش تي؟ اهو وحدت الوجود جو ئي اثر هو جو ”ممڪن (بندو) “امڪان“ جون حدون لتاڙي قاب قوسين تائين ”واجب“ جي ويجهو وڃي پهتو. جي نہ تہ جيئن ”عدم“ ”وجود“ جي نور کان محروم آهي. اهي ”ممڪن“ قاب قوسين تائين ڪين پهچي سگهي ها پر اها حقيقت آهي تہ ايئن ٿيو ۽ پستي کان بلندي تائين چڙهائي جنهن کي معراج ٿو چيو وڃي. آئيندي بہ ”ممڪن“ کي ميسر ٿي سگهي ٿي. ”وجود“ ۽ ”ممڪن“ جي وچ ۾ جي حجاب آهن بہ دور ٿي سگهن ٿا. روئي مٽجي سگهي ٿي ۽ حقيقت جو نور اسان جي اندر پيدا ٿي سگهي ٿو.“ (16)

حضورڻ سائين جي ڪلام ۾ تصوف جون اهڙيون رنگينيون آيل آهن، جيڪي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلين کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي ڇڏينديون آهن. تصوف جي اثر جي ڪري سندس ڪلام مان روحاني حظ بہ ڪيترائي ماڻهو ماڻي رهيا آهن. حضورڻ سائين جي ڪلام ۾ آيل تصوف جي فلسفي ۾ عاشقانا مستي جو جلوو جهلڪا ڏيئي رهيو آهي.

”تصوف نہ علم آهي نہ وڏن جي رسم جو نالو آهي، بلڪ اولياالله جي برگزيدا اخلاقن ۽ سندس زندگي جي طريقي جو نالو آهي، ڪن جو خيال آهي، تہ جيڪڏهن ڪنهن انسان کي پنهنجي نفس جي چنبي مان نجات ملي ۽ هو خلق جي نظرن مان فاني ٿي وڃي ۽ خالق وٽ وڃي بقا حاصل ڪري تہ هو پورو صوفي آهي، ڪن جو فرمودو آهي، تہ شريعت جي روح کي تصوف ٿو ڪوٺيو وڃي. ڪي چون ٿا تہ نفس کي مارڻ ۽ اندر اجارڻ جي معنيٰ آهي تصوف. مطلب تہ علم ۽ مستي جي فرق ڪري ڪيترائي مختلف تعبير ڏيندا رهيا آهن.“ (17)

تصوف هڪ فڪر جو نالو آهي، جنهن ذريعي انسان پنهنجي مالڪ جي محبت جي ذريعي، سندس پوري مخلوق سان محبت ۽ خدمت ڪرڻ سگهي ٿو. سنڌ ۾ تصوف جي نظريي سان لاڳاپيل سمورا صوفي شاعر تصوف کي زندگي گذارڻ جو انداز سمجهندا هئا ۽ پنهنجي نفس کي مارڻ ۽ پنهنجي خواهشن تي ضابطو رکڻ جو پيغام ڏيندا هئا. انهن جي نظر ۾ حقيقي صوفي اهو هوندو هو جيڪو پنهنجي نفس کي ماري، پنهنجي خواهشن تي ضابطو رکندو هو ۽ هڪڙي ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي اندر کي اجارڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ جهڙيون ڳالهين تي عمل پيرا هوندا هئا. وحدت الوجود جي نظريي سان لاڳاپيل اهڙي قسم جي ڳالهين سان سموري سنڌي ڪلاسيڪل شاعري پري پئي

آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري کان وٺي سچل سرمست جي شاعري ۾، سچل سرمست جي شاعري کان وٺي علي انور شاهه بخاري جي شاعري ۾، مهدي شاهه جي شاعري کان وٺي حضورڻ سائين جي شاعري ۾ تصوف جا نقطا پنهنجي ڀرپور رنگ سان ملن ٿا.

حضورڻ سائين جي شاعري ۾ نفس کي مارڻ، اندر کي اجارڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ وارن نقطن سان گڏ، رندي ۽ بيباڪي وارو عنصر به جهجهي انداز ۾ ملي ٿو. حضورڻ سائين جي سموري شاعري تصوف جي رنگ سان رنگيل آهي.

هيٺ ڏنل ڪلام سندس تصوف جي رنگ کي نروار ڪن ٿا.

"اڏي هن عشق واري تي اسين سرڙو نوايون ٿا
هنيو سين نينهن جو نعرو پرت جو پيچ پايون ٿا
پرين سان پيچ پاتوسين، سهي ثابت سڃاتوسين
رنگي جو رنگ لاتوسين روحي رنگڙو رچايون ٿا
صفاتي ذات آ شامل ڪيو هي قرب آ ڪامل
حضورڻ حال آ حاصل جذب جسمون جڳايون ٿا". **(18)**

حضورڻ سائين هينئين ڪلام ۾ تصوف جي رنگ کي هن ريت نروار ڪري ٿو.

"صورت سانگي سانگ رسائي جاڻ سپوئي جاٽي
ڪنڌ ڪٽيءَ تي ڪات ڪهائڻ سر اڏي تي آٽي
مئي پي ٿيو مستان مدامي پاڻ ڏسي ٿو پاٽهي
حسن حضور ڪيس حيراني اجا ئي اڳتي تاٽي." **(19)**

حضورڻ سائين رندانه شاعري به ڪئي آهي. سندس فارسي ڪلام مان هيٺ ڏجن ٿا.

ڪلام --- معنيٰ

"منم عشاق را عاشق، منم دیدار از ہستم
مان عاشقن جو عاشق آهيان، مونکي ان جو ديدار نصيب ٿيو.
بکوے یار من دیدم، باز ہشیار من ہستم
مان يار کي گهٽي ۾ ڏٺم، ان جي نظارن مان هوشيار ٿيو آهيان

منم باہوش ہشیارم، ہوش عالم را
مان هوش مند ۽ هوشيار آهيان، مونکي جهان حقيقي ۾ هوش آهي
قدح نوشم شرابیم، وصال یار می مستم
مان شرابي (طهورا) آهيان، مان پيالو پيتو آهي ۽ يار جي ديدار ۾ مست آهيان
خدارادمبدم دیدم، حقیقی یار من یارم
مون هر گهڙي خدا کي ڏٺو آهي، اهو ئي حقيقي منهنجو دوست آهي.
رسد خودر روبرو یارم، شدم دیدار من دیدم
يار روبرو مون وٽ آيو، مون کي ان جو ديدار نصيب ٿيو.
نگاہ خوب خوبان، از رضائے حق نظر آید
خوبصورت هستين جي نگاه ۾ رضا الاهي مونکي نظر آيو.
"حضور" عاشقی ہمدم بمیداں کربلا دیدم"
اي حضور! مون عاشقي هميشه ميدان ڪربلا ۾ ڏٺي آهي”. (20)

حضورڻ سائين رندانه شاعري به ڪئي آهي. سندس اردو ڪلام مان مثال هيٺ ڏجن ٿا.

“ رگ رگ وضو ہوا ہے دل سجدہء نماز میں!
زاہد پھنسا ہے اب تک وقت نماز میں!
دل کھو گیا ہے میرا، بے باک حرم میں،
میرا خیال محو ہے، اس سرفراز میں!
مئے نوش کو پلا دے اس طرح جانِ جاناں
نا ہوش آئے مجھ کو رہوں روح راز میں!
برسوں سے قید ہوں میں کیسے نجات پاؤں؟
الجھا ہوا ہوں میں تو، زلف دراز میں!
غش کھا کے گر پڑا تھا کوہِ طور پر کلیم؟
کیا تاب تھا تصور اس نظر ناز میں!

جبرئیل رک گیا تھا، سدرہ پہ اے "حضور"!
پہنچے تھے آپ کیسے منزل فراز میں؟!"۔ (21)

مٿين شعرن کي ڏسبو تہ حضورڻ سائين جي لفظن ۾ مستي رندي ۽ بيباڪي وارو انداز ملي ٿو. جيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان پهريائين سچل سرمست وٽ ملي ٿو. سچل سرمست کانپوءِ صوفي علي انور شاھہ، مهدي شاھہ، محمود فقير ڪٺياڻ ۽ بيدل وٽ ساڳيو انداز ملي ٿو.

حضورڻ سائين جي شاعري  انهن شاعرن جي شاعري جو تسلسل آهي، ٻين صوفي شاعرن ۽ بزرگن وانگي حضورڻ سائين بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ تصوف جا نقطا کولي نروار ڪيا آهن.

حضورڻ سائين تصوف ۽ وحدت الوجود جي نظريي سان سلهاڙيل هو، تنهن ڪري سندس ڪلام کي انهيءَ پس منظر ۾ پڙهبو تہ ڪلام ۾ سمايل فڪر ۽ پيغام کي آساني سان سمجهي سگهبو ۽ ڪلام ۾ سمايل وحدت الوجود جي نظريي کي پڻ آساني سان سمجهي سگهبو ۽ حضورڻ سائين جي شاعريءَ جون سموريون خوبصورتيون آشڪار ٿينديون.

حضورڻ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجن تجربن، پنهنجي سوچ ۽ فڪر کي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو.

حضورڻ سائين پنهنجي شاعري ۾ نوان تصور، نوان قدر ۽ نوان خيال ڏنا. هن نون تصورن جو هڪ جهان تخليق ڪيو. مجموعي طرح مٿئين بحث مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ سندس شاعري مشهور شاعرن جو تسلسل آهي ۽ رندي، مستي ۽ بيباڪي جو اعليٰ نمونو آهي. جنهن ۾ وحدت الوجود جو نظريو پوري رنگ سان واضح ۽ نمايان نظر اچي ٿو.

## حوالا / مد ديڪتاب:


(1) بخاري، شاھ عبادت علي، سيد، فقير. انور سائين جو رسالو، جهانپور شريف: درگاھ عاليہ. 2015ع، ص 17.
(2) ايضاً ص 32
(3) ايضاً ص 33
(4) شاھ، حضور بخش، سيد، فقير. ديوان حضور، جهانپور شريف: درگاھ عاليہ. 2001ع، ص 21
(5) ايضاً ص 135
(6) ايضاً ص 23
(7) ايضاً ص 27
(8) ايضاً ص 119
(9) عباسي، تنوير. شاھ لطيف جي شاعري، ڪنديارو: روشني پبليڪيشن. 2000ع، ص57.
(10) شاھ، حضور بخش، سيد، فقير. ديوان حضور، جهانپور شريف: درگاھ عاليہ. 2001ع، ص 33
(11) انصاري، عثمان علي. رسالو سچل سرمست، ڪنديارو: روشني پبليڪيشن. 1994ع، ص 33
(12) شاھ، حضور بخش، سيد، فقير. ديوان حضور، جهانپور شريف: درگاھ عاليہ. 2001ع، ص 85
(13) ايضاً ص 78
(14) سيد، جي ايم. پيغام لطيف، ڪنديارو: روشني پبليڪيشن. 2012ع، ص 139
(15) شاھ، حضور بخش، سيد، فقير. ديوان حضور، جهانپور شريف: درگاھ عاليہ. 2001ع، ص 85
(16) انصاري، عثمان علي. رسالو سچل سرمست، ڪنديارو: روشني پبليڪيشن. 1994ع، ص 39
(17) ايضاً ص 27
(18) شاھ، حضور بخش، سيد، فقير. ديوان حضور، جهانپور شريف: درگاھ عاليہ. 2001ع، ص 60
(19) ايضاً ص 78
(20) شاھ، حضور بخش، سيد، فقير. ساغر مين سمندر، جهانپور شريف: صحبت ادبي سنگت. 2012ع ص 117
(21) ايضاً ص 103 .